# ١. پرارٿنا

پڙهو. ڳايو.

اَهڙي مَهِر ڪيو پڳوان،
مِٽي وڃي من مان اَگيان،

هردم هَلَتِ هَلون نِوڙت جي،
ڪنهنجو ڪين ڪيون نقصان.

ڪريون عِلم تي عمل سدائين،
ڏاتر! ڏيو اهڙو وردان.

ڪنهن سان ڪين ڪيون چِڪتاڻ،
ڀانيون سڀني کي سدا سمان.

ماڻهون مرون مڙيئي سڀ جيوَ،
حاصل ڪن تنهنجا احسان

قدرت جي ڪڻ ڪڻ ۾ مالڪ،
ظاهر تنهنجو آهي شان.



**نوان لغظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| مَهِر - ديا | مِٽي - دوُر ٿئي | اَگيان - اڻ ڄاڻائي | نِوڙت - حليمائي |
| عمل - وِديا | عمل - پوئواري | ڏاتر - ڏيندڙ مِرون - جانور | اَحسان - مهربانيون، ڀلايون |

## اَڀياس

**سوال - ١: هيٺين سوالن جا جواب لکو**

(١) ڀڳوان جي مهر سان ڇا ٿيندو؟
(٢) اَسانکي ڪهڙي هَلتِ هلڻ گهرجي؟
(٣) ڏاتر کان ڪهڙو وردان گُهريو ويو آهي؟
(٤) ايشور جا اَحسان ڪنهن ڪنهن تي آهن؟
(٥) پرماتما جو شان ڪٿي ظاهر آهي؟

YN5IFB

**سوال ٢: بيت جون سِٽون پوريون ڪريو.**

(١) اَهڙي مهر ........................................... من مان اَگيان.
(٢) ڪنهن سان ڪين ........................................... سدا سمان.
(٣) قدرت جي ........................................... آهي شان.

**سوال ٣:- هيٺيان لفظ جملن ڪم آڻيو.**

مِهر، نِوڙت، عمل، وردان، چڪتاڻ، اَحسان

**سوال ۴: هيٺين لفظن جون صفتون ٺاهيو.**

اَگيان، علم، سمانتا، قُدرت، شان

**هدايت:-** ماستر پرارٿنا لئہ تال سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.
**مشغولي:-** شاگرد ڪجهہ ڪتاب نظر مان ڪيدي هڪڙو پرارٿنا گيت گهران لکي ڪٽي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

**(الف) بيت تي آڌار رکندڙ مشغوليون.**

(١) ''هردم هلت'' اِهي لفظ ساڳئي اَکر ''هہ'' سان سان شروع ٿيندڙ آهن. اَهڙا ٻيا مثال ڳولهي لکو.
(٢) علم ۽ عمل ۾ فرق لکو.
(٣) ''وردان'' جا هم آوازي لفظ لکو.
(۴) ''ڀڳوان'' جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ڳولهي لکو.

**(ب) هيٺين بيتن جي سٽن کي نثري روپ ۾ لکو.**

(١) ڪنهنجو ڪين ڪيون نقصان
(٢) حاصل ڪن تنهنجا اَحسان
(٣) ظاهر آهي تنهنجو شان
(۴) ڏيو اَهڙو وردان

## پاڻ ڪريان - پاڻ سِکان

(١) مٿئين ۽ هيٺئين گول ۾ ساڳيو اَکر رکي جدا جدا لفظ تيار ڪريو:-

| (۵) | (۴) | (٣) | (٢) | (١) | مثال |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | ت |
| پ | ر | ڙ | ڻ | ل | خ |
| | | | | | ت |